ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 11 جنوري 2026ع 21 رجب المرجب 1447 ھ صفحا 6 - ملھم 30 وپيم شمارو (149)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

دهشتگرد عنصرن کي خيبرپختونخوا ۾ لِڪڻ جي جاءِ نہ ملندي، قوم جي مسلسل حمايت سان سندن خاتمو ممڪن ٿيندو: گهرو وزير

ڪي پي ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروائيون، 11 ڀارتي حمايت يافتہ دهشتگرد مارجي ويا، وڏي انگ هٿيار هٿ

اتر وزيرستان ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ويو، جنهن دوران شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 6 خارجي مارجي ويا، ضلعي ڪرم ۾ پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز جي گڏيل آپريشن دوران 5 خارجين مارجي ويا

مارجي ويل خارجين جو تعلق ڀارتي پراڪسي فتنہ الخوارج سان هو، دهشتگردن وٽان هٿيار ۽ بارودي مواد بہ هٿ ڪيو ويو، مارجي ويل دهشتگرد علائقي ۾ دهشتگردي ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ جي ڪاررواين ۾ ملوث هئا

عزم استحڪام تحت دهشتگردي جي خاتمي واري مهم شدت سان جاري آهي، پرڏيهي سرپرستي هيٺ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون، سندن خاتمو اٽل: ترجمان پاڪ فوج

سيڪيورٽي فورسز خوارج جي ناپاڪ عزمن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو ۽ خطي ۾ امن جي حفاظت ڪئي، رفتہ سرعت ۽ اثرائتيون ڪارروايون دهشتگردن جي خطرن کي ختم ڪرڻ لاءِ فورسز جي پختي عزم کي ظاهر ڪن ٿيون: وفاقي گهرو وزير

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ٻن مختلف ڪارروائين دوران 11 خارجي مارجي ويا. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب اتر وزيرستان ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 6 خارجي مارجي ويا، جڏهن تہ ضلعي ڪرم ۾ پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز جي گڏيل آپريشن دوران 5 خارجين کي جهنم پهچايو ويو. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي تہ مارجي ويل خارجين جو تعلق ڀارتي پراڪسي فتنہ الخوارج سان هو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

متياري: حافظ غلام محمد سوهو مير منور ٽالپر ۽ فريال ٽالپر جي نياڻي جو نڪاح پڙهائي رهيو آهي صدر آصف علي زرداري نڪاح نامي تي صحيح ڪري رهيو آهي

فريال ٽالپر جي نياڻي جو نڪاح حافظ غلام محمد قادري محمودي متياري واري پڙهايو

گهوٽ سان گڏ صدر آصف علي زرداري نڪاح واري دستاويزات تي بطور شاهد صحيحون ڪيون

متياري (رپورٽ: ماجد ميمڻ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي عورت ونگ جي اڳواڻ ميڊيم فريال ٽالپر جي نياڻي جي نڪاح

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

صدر پاران پاڪ بحريہ جي پيشيورانہ صلاحيتن کي خراج تحسين پيش

ايل واءِ - 80 (اين) ميزائل ۽ لوئٽرنگ ميونيشن جي ڪامياب تجربي تي قوم کي مبارڪون

صدر مملڪت پاڪ بحريہ جي آفيسرن ۽ جوانن جي پيشيورانہ مهارت ۽ آپريشنل تياري جي تعريف ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري ايل واءِ - 80 (اين) ميزائل ۽ لوئٽرنگ ميونيشن جي ڪامياب تجربي تي پاڪ بحريہ جي پيشيورانہ صلاحيتن کي خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پاڪستان زمين کان فضا تائين مار ڪندڙ ايل واءِ 80 ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪري ورتو

پاڪ نيوي ايل واءِ ايٽ زيرو ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو، جنهن فضا ۾ موجود هدف کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان نيوي زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب، پاڪ نيوي عربي سمنڊ ۾ مشقن دوران زمين کان فضا ۾ ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي آءِ ايس پي آر موجب، پاڪ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا ۾ گورننس نالي ڪا شئي ناهي، صوبائي حڪومت مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي: وزيراعظم

وزيراعظم، سان خيبرپختونخوا سان تعلق رکندڙ عوامي نمائندن ملاقات ڪئي، صوبي جي مجموعي سياسي صورتحال ۽ عوام کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

خيبرپختونخوا جي عوام جي مسئلن جي سچي خبر آهي ۽ وفاقي حڪومت پنهنجي دائره اختيار اندر انهن مسئلن جي پائيدار حل لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي: شهباز شريف

صحت، تعليم، انفرا اسٽرڪچر ۽ عوامي ڀلائي جي حوالي سان صوبائي حڪومت وٽ ڪا بہ واضح پاليسي موجود ناهي ۽ عوامي مسئلن طرف خيبرپختونخوا حڪومت جو ڪو بہ ڌيان نہ آهي

خيبرپختونخوا ۾ جاري وفاقي ترقياتي منصوبن جي وقت سر مڪمل ٿيڻ ۽ عوامي مسئلن جو حل وفاقي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي، عوام کي اڪيلو نہ ڇڏينداسين

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي تہ خيبرپختونخوا جي عوام جي مسئلن جي سچي خبر آهي ۽ وفاقي حڪومت پنهنجي دائرہ اختيار اندر انهن مسئلن جي پائيدار حل لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان خيبرپختونخوا سان تعلق رکندڙ عوامي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان خيبر پختونخوا جا اڳواڻ ملاقات ڪري رهيا آهن

دهشتگردي خلاف شعبي ۾ سهڪار، پاڪستاني ۽ آمريڪي فوجن جي گڏيل مشق شروع

ٻنهي ملڪن ۾ گڏيل مشق جي شروعات 9 جنوري 2026 کان نيشنل ڪائونٽر ٽيررازم سينٽر پبي ۾ ٿي

گڏيل مشق جو مقصد دهشتگردي جي خاتمي جي شعبي ۾ تجربن جي ڏي وٺ ذريعي هم آهنگي ۾ واڌ قرار

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۽ آمريڪا جي فوجن وچ ۾ 13هين ۾ طرفي گڏيل مشق انسپائرڊ گيمبٽ 2026 جي شروعات ٿي وئي. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب گڏيل مشق جي شروعات 9 جنوري 2026 کان نيشنل

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

انجنيئر امير مقام پاران پشاور يونيورسٽي جي استادن جي پگهارن لاءِ احتجاج تي ڳڻتي جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير گلگت بلتستان ۽ سيفران واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام پشاور يونيورسٽي جي استادن جي پگهارن لاءِ جاري احتجاج تي شديد

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسپيڪر پاران پاڪ نيوي جي انجنيئرز ۽ جوانن کي خراج تحسين

ايل واءِ 80 ميزائل جي ڪامياب تجربي تي قوم، پاڪ نيوي کي مبارڪون

ملڪي دفاع کي مضبوط بڻائڻ ۾ پاڪ نيوي جو ڪردار واکاڻ جوڳو آهي: اياز صادق

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ايل واءِ 80 ميزائل جي ڪامياب تجربي تي قوم پاڪ نيوي جي انجنيئرز ۽ جوانن کي مبارڪون ڏنيون آهن گڏيل

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

نيو اسلام آباد ايئرپورٽ سميت حيدرآباد ۽ سکر اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني جي نجڪاري لاءِ ڪميٽي قائم

وزيراعظم جي نجڪاري بابت صلاحڪار محمد علي جي صدارت هيٺ نجڪاري ڪميشن بورڊ جو اجلاس ٿيو

بورڊ هائوس بلڊنگ فنانس ڪمپني جي نجڪاري جو موجوده عمل ختم ڪرڻ جي سفارش، 51 سيڪڙو شيئرز جي نيلامي ٻيهر شروع ڪرڻ جو فيصلو

پاڪستان مورگيج ري فنانس ڪمپني جي 4.2 ارب جي بولي رد ڪئي وئي، انهي ڪمپني جي ريفرنس قيمت 13 ارب 55 ڪروڙ روپيہ هئي

اجلاس ۾ ايئرپورٽ نجڪاري ۾ گورنمنٽ ٽو گورنمنٽ ماڊل رد ڪري اوپن بولي جو رستو اپنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) نيو اسلام آباد ايئرپورٽ سميت حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني ۽ سکر اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڪي پي ڪي جو وزيراعلي سهيل آفريدي پريس ڪلب ۾ ميٽ دي پريس کي خطاب ڪري رهيو آهي

27هين آئيني ترميم سنڌ جي وسيلن خلاف آهي اسان ۾ حقيقي جمهوريت لاءِ وڙهون پيا: سهيل آفريدي

وفاق صوبي جي حقن تي ڌاڙا هڻي پيو، ڪي پي ڪي سان ماٽيلي وارو سلوڪ اختيار ڪيو پيو وڃي

موجوده وفاقي حڪومت جعلي آهي، ان کي تسليم نٿا ڪيون گيم ڪري هٿ ڪيا ماڻهو حڪومت ۾ مصلحت ڪيا ويا آهن

ٻين صوبن جي وڏن وزيرن لاءِ ايئر فورس جو جهاز هوندو آهي پر ڪي پي ڪي جي وڏي وزير سان امتيازي سلوڪ ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد/ڄامشورو (اسٽاف رپورٽر/د ر) ڄامشورو ڄامشورو تي سنڌ يونيورسٽي پارٽي جي صدر ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي وائيس چيئرمين زين شاهه پاران ڪي پي ڪي جي وڏي وزير سهيل آفريدي کي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

آئين جي بالادستي ۽ عوامي اختيار جي تحفظ لاءِ عمران خان جو ڪردار اهم آهي: سلمان اڪرم راجا

حيدرآباد: پاڪستان تحريڪ انصاف جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو ۾ سهيل آفريدي جي پهچڻ تي پي ٽي آئي ڪارڪنن جي نعريبازي، بدنظمي

ڄامشورو: جي ايم سيد ايڊيفيس ڄامشورو

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

نوري آباد ۾ ڪي پي ڪي جي وزيراعلي جو شاندار استقبال ڪيو ويو

نوري آباد: پي ٽي آءِ ڪي پي ڪي جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: پي ٽي آءِ ڪارڪن سهيل آفريدي جي حيدرآباد پهچڻ تي استقبال ڪري رهيا آهن

حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار پاران ڪي پي ڪي جي وڏي وزير کي آجياڻي ساڻ جو اعلان

سنڌ جي رهاڪن جي طرفان ڏنل آجياڻي تي دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪريان ٿو: سهيل آفريدي

بااختيار عدليہ آئين قانون ۽ جمهوريت جي بالادستي لاءِ آئيني صفن ۾ بيٺل آهي ۽ ملڪ ۾ انصاف جي فراهمي بنا آزاد عدليہ ممڪن ناهي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) خيبرپختونخوا جي وزيراعلي محمد سهيل آفريدي جي حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۾ انصاف لائيرز ونگ سنڌ ۽ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن حيدرآباد جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان بنيادي حڪمراني کي تبديل ڪرڻ چاهي ٿي: زين شاهہ

اسان احتجاج ۽ جلسا ڪرڻ نہ ٿا ڏنا وڃن، هر روز اسان تي ايف آئي آر داخل ڪيون ٿيون

اسان جي هڪ ئي گڏيل راءِ آهي تہ ملڪ اندر آئين تحت جمهوري نظام قائم هجي

ڄامشورو: ڪي پي ڪي جي وڏي وزير محمد سهيل آفريدي جي ڄامشوري ۾ شاندار آجيان ڪئي وئي سهيل آفريدي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پي ٽي آءِ کي ڪراچي ۾ ريلي اجازت ڏئي ڇڏي، جلسي جون تياريون شروع

پي ٽي آءِ کي جناح گرائونڊ ۾ ٿيندڙ ريلي لاءِ اين او سي شرطن سان جاري ڪيو ويو آهي

پاڪستان ۽ رياستي ادارن خلاف ڪنهن بہ قسم جي تقرير جي اجازت نہ هوندي: شرجيل ميمڻ

باغِ جناح گرائونڊ ۾ پاڪستان تحريڪِ انصاف جلسي جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون، سامان پهچي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پي ٽي آءِ کي باغ جناح ڪراچي ۾ ريلي ڪڍڻ جي تحريري اجازت ڏئي ڇڏي آهي ڊپٽي ڪمشنر ايسٽ پڻ پي ٽي آءِ جي درخواست تي تحريري اجازت جاري ڪئي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ جو آبپاشي نظام ۽ زرعي ترقي صوبي جي معيشت لاءِ انتهائي اهم آهي: وڏو وزير

خوراڪ ۾ خودڪفالت حاصل ڪرڻ ۽ برآمدات وڌائڻ لاءِ آبپاشي جي ڍانچي کي جديد بڻائڻ ضروري آهي

بئراج جي اپ گريڊيشن جو مقصد لکين آبادگارن لاءِ پاڻي جي تسلسل کي يقيني بڻائڻ آهي

ڪراچي کي پاڻي جي فراهمي ۾ 50 سيڪڙو واڌ لاءِ ڪي بي فيڊر جي لائيننگ جو ڪم جاري آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اهم جائزي واري اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ صوبي اندر جاري ترقياتي منصوبن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ليکڪ محمد سعيد مهدي جي ڪتاب شيڊوز آف پاڪستان هسٽري جو مهورت ڪيو پيو وڃي

وزيراعلي مريم نواز پاران پاڪ بحريہ کي ايل واءِ 80 اين ايئر ڊفينس ميزائل جي ڪامياب تجربي تي مبارڪون

لاهور (اي پي پي) پنجاب جي وزيراعلي مريم نواز پاڪ بحريہ کي ايل واءِ 80 اين ايئر ڊفينس ميزائل جي ڪامياب تجربي تي مبارڪون ڏنيون آهن وزيراعلي چيو تہ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

پي پي 167 لاهور: مسلم ليگ (ن) جو اميدوار ملڪ محمد شفيع بنا مقابلي ڪامياب، نوٽيفڪيشن جاري

لاهور (اي پي پي) پنجاب اسيمبلي جي خالي پيل سيٽ پي پي 167 لاهور تي مسلم ليگ (ن) جو اميدوار ملڪ محمد شفيع بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويو

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جي روضہ رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي حاضري

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار مديني شريف ۾ نفل ادا ڪيا

پرڏيهي وزير پاڪستان ۽ مسلمان امت جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون گهريون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سعودي عرب جي دوري دوران مديني شريف ۾ نفل ادا ڪيا ۽ روضہ رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي حاضري ڏني پرڏيهي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير حنيف عباسي جي گورنر سان ملاقات، ريلوي لائين کي وڌيڪ ترقي ڏيڻ تي اتفاق

ڪراچي کان روهڙي تائين ريلوي لائين کي اپ گريڊ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

گورنر انيشيٽو تحت شاگردن کي آئي ٽي جي تعليم ڏيڻ خواب کي حقيقت بڻايو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي گورنر هائوس ڪراچي ۾ گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي سياسي ۽ معاشي صورتحال سنڌ

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي پراسيڪيوشن کاتي ۾ 17 سالن بعد ترقين جو اعلان ڪيو ويو

گريڊ هڪ کان چار تائين جي ملازمن کي گريڊ 11 ۾ ترقيون ڏنيون ويون

پراسيڪيوٽر جنرل پاران صوبائي وزير قانون ضياءَ لنجار جو شڪريو ادا ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي پراسيڪيوشن کاتي ۾ 17 سالن بعد ترقين جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ موجب گريڊ هڪ کان چار تائين جي ملازمن کي گريڊ 11 ۾

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

پاڪستان هاڻي مريض پيدا ڪرڻ واري فيڪٽري بڻجي ويو آهي: مصطفى ڪمال

ماڻهو معمولي بيمارين لاءِ بہ وڏن اسپتالن جو رخ ڪن ٿا، جنهن سبب غير ضروري دٻاءُ پوي ٿو

ڪراچي ۾ صحت واري وزير فيڊرل گورنمينٽ ڊسپينسري ۾ پهرئين ڊجيٽل هيلٿ سينٽر جو افتتاح ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي صحت واري وزير سيد مصطفى ڪمال فيڊرل گورنمينٽ ڊسپينسري سول ايوي ايشن ۾ شهر جي پهرئين ڊجيٽل هيلٿ سينٽر جو افتتاح ڪيو آهي هن سينٽر ذريعي مريضن جو

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ تي برطانيا جي جعلي شيئر ڪوڊ اي ويزا تي پرڏيهہ وڃڻ جي ڪوشش ڪندڙ مسافر سوگهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي اميگريشن پاران ڪراچي ايئرپورٽ تي بروقت ڪارروائي ڪندي برطانيا جي جعلي شيئر ڪوڊ اي ويزا تي پرڏيهہ وڃڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي آهي. ايف آءِ اي اميگريشن ڪراچي موجب مسافر محمد عمران فلائيٽ نمبر PC-131 ذريعي ترڪي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار بس جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت، ڊرائيور فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گلشن حديد واري علائقي ۾ تيز رفتار بس جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويو ريسڪيو ذريعن جو چوڻ آهي تہ فوت ٿيل جي سڃاڻپ 55 سالن جي

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

جون تائين آءِ ايم ايف پروگرام مان نڪري وينداسين: رانا مشهود

پاڪستان معاشي طور پاڻپرو ٿيڻ طرف گامزن آهي، ملڪ ترقي ڪندو

2026ع جي وچ ڌاري تائين آءِ ايم ايف جي مدد جي ضرورت نہ پوندي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ پروگرام (پي ايم واءِ پي) جي چيئرمين رانا مشهود احمد خان چيو آهي تہ پاڪستان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني شهرين کي ايران جو سفر ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ جي هدايت

پرڏيهي وزارت پاران ايران جي حوالي سان پاڪستاني شهرين لاءِ ٽريول ايڊوائيزري جاري

پاڪستاني شهري انتهائي احتياط اختيار ڪن ۽ غير ضروري اچ وڃ گهٽ کان گهٽ رکن: ايڊوائزري

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي وزارت پاڪستاني شهرين کي چيو آهي تہ پنهنجي حفاظت ۽ سلامتي لاءِ حالتون بهتر

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

فرانس ۽ برطانيا ۾ طوفان گوريٽي سبب وڏي پيماني تي تباهي، لکين ماڻهن کي بجلي جي فراهمي

پيرس (اي پي پي) فرانس ۽ برطانيا ۾ طوفان گوريٽي سبب وڏي پيماني تي تباهي ٿي آهي ۽ لکين ماڻهن کي بجلي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ايران جي حڪومت، پنهنجي شهرين کي ماريو تہ اسان ڪارروائي ڪنداسين: آمريڪا جي ٻيهر ڌمڪي

ايران ۾ مظاهرين ڪئين شهرن تي قبضو ڪري رهيا آهن جنهن جي باري ۾ ڪنهن سوچيو بہ نہ هو: صدر ٽرمپ

عالمي ادارن مطابق 28 ڊسمبر تي احتجاج ڪانپوءِ ايران ۾ هن وقت تائين گهٽ ۾ گهٽ 48 مظاهرو ڪندڙ مارجي چڪا آهن

آمريڪا ماڻهن کي اڪسائڻ، تشدد جي حوصلا افزائي ۽ امن استحڪام ۾ خلل وجهي مداخلت ڪري رهيو آهي: ايران

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي تہ ايران جي حڪومت وڏي مصيبت ۾ آهي جيڪڏهن هن پنهنجي شهرين کي ماريو تہ اسان انهن کي اهڙي شدت سان مارينداسين تہ گهڻي تڪليف ٿيندي پرڏيهي ميڊيا مطابق ايران ۾ مظاهرين تي پنهنجي تازي ردعمل ۾ آمريڪي صدر چيو تہ ايران جي حڪومت

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال ۽ انڊونيشيا جي واپار واري نائب وزير ڊاهہ تي صحيحون ڪري رهيا آهن

قومي معيشت محفوظ هٿن ۾ آهي، دنيا جا مالياتي ادارا ان کي تسليم ڪن ٿا: وفاقي وزير اطلاعات

ميڪرو اڪنامڪ اهڃاڻ مسلسل بهتر ٿي رهيا آهن، شڪر آهي تہ پاڪستان ڊيفالٽ جي ڪناري تان واپس اچي چڪو آهي

مولانا فضل الرحيم جي درجن جي بلندي لاءِ دعاڳو آهيان، هن سان روحاني رشتو هو سندس ديني خدمتن کي هميشہ ياد رکيو ويندو

صرف ڊسمبر جي مهيني ۾ پرڏيهہ ۾ رهندڙ پاڪستانين 3.6 ارب ڊالرن جو مثاليو جو ناڻو ڏيهہ موڪليو آهي: عطاءُ الله تارڙ

لاهور (اي پي پي) سڏ سماءُ واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ پاڪستان جي معيشت محفوظ هٿن ۾ آهي ميڪرو اڪنامڪ اهڃاڻ بهتر ٿي رهيا آهن سڄي دنيا جا مالياتي ادارا پاڪستاني معيشت

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ، جابلو علائقن ۾ شديد ٿڌ رهڻ جو امڪان آهي

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ايل واءِ 80 دفاعي ميزائل جو تجربو اهم ڪاميابي آهي: سرفراز بگٽي

پاڪ بحريہ کي دفاعي ميزائل جي ڪامياب تجربي تي پوري قوم کي دلي مبارڪون

پاڪستان جو دفاع مضبوط، موثر ۽ ناقابل تسخير بڻجي چڪو آهي: وزيراعلي بلوچستان

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي پاڪ بحريہ طرفان جديد ايل واءِ 80 دفاعي ميزائل جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ صوبي ۾ 13 هزار کان وڌيڪ ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويا آهن: شرجيل ميمڻ

صحت، تعليم، زراعت، روڊن، آبپاشي ۽ سماجي منصوبن تي ڪم تيزي سان جاري آهي

منصوبي جو مقصد عوامي خدمتن کي بهتر بڻائڻ، اقتصادي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ آهي

مختلف شهرن ۾ پاڻي جي فراهمي، صفائي ۽ ويسٽ واٽر مينيجمينٽ ۾ بہ بهتري آندي وئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ صوبي ۾ هن وقت تائين 13 هزار

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: عبرت جو بيورو چيف مجيد عباسي آصف پٺو سان ڳالهائي رهيو آهي

آصف پٺو پاران جلد پ پ ليڊيز ونگ جو ڪنوينشن ڪرائڻ جو اعلان

صدر مملڪت جي نياڻي ايم اين اي ابرار شاهه جي پٽ جي شادي تقريب ۾ شريڪ

1975ع ۾ بيگم نصرت ڀٽو حيدرآباد ۾ ليڊيز ڪنوينشن جي صدارت ڪئي هئي

سڄي دنيا اهو ڄاڻڻ چاهي ٿي تہ بلاول ڀٽو جي شادي ڪڏهن ٿيندي: عبرت عيوض جو سوال

انشاءَ الله بلاول ڀٽو جي شادي جلد ٿيندي، هو ڏينهن رات عوامي خدمت ڪري رهيو آهي: آصفہ

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) صدر مملڪت آصف علي زرداري جي نياڻي پيپلزپارٽي جي رهنما ۽ قومي اسيمبلي جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

مولانا فضل الرحيم جون خدمتون هميشہ ياد رهنديون: محسن نقوي

سندس ديني، تعليمي ۽ سماجي خدمتون اهم آهن: وفاقي گهرو وزير

هن معاشري ۾ امن ۽ ڀائيچاري کي هٿي وٺرائڻ لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪيو

لاهور (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي تہ شيخ الحديث مولانا فضل الرحيم فرقيواريت ۽

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي مختلف وڏن کاتن ۾ ڪرپشن جي شڪايتن تي سخت ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو

اينٽي ڪرپشن کاتي جي وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ اهم اجلاس منعقد ٿيو

صوبي ۾ 22 مختلف کاتن خلاف 13 هزار 603 ڪرپشن جون شڪايتون مليون آهن: ڊي جي امتياز ابڙو

اجلاس ۾ ڪرپشن جي شڪايتن تي سخت ۽ فوري ڪارروائي جي منظوري ڏيندي اهم فيصلا ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت سڄي صوبي ۾ مختلف وڏن کاتن خلاف ملندڙ ڪرپشن جي شڪايتن تي سخت ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ جي اينٽي ڪرپشن کاتي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسٽرٽ موومينٽ ذريعي عمران خان جو پيغام عوام تائين پهچائڻ آيا آهيون: حليم عادل شيخ

ڪراچي جي عوام کي سهيل آفريدي جي شاندار آجيان تي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

اسان آئين، جمهوريت ۽ پرامن جدوجهد تي پڪو يقين رکون ٿا: جناح گرائونڊ ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ، پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر راجا اظهر، جنرل سيڪريٽري ارسلان خالد، فهيم خان، پي ٽي آءِ بلوچستان جي صدر دائود شاهہ ڪاڪڙ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ سڀني سياسي جماعتن کي پرامن سياسي سرگرمين جي اجازت آهي: ناصر شاهہ

پ پ جمهوريت جي بالادستي تي يقين رکي ٿي، ڪنهن کي بہ قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نہ ڏبي

پي ٽي آءِ جو سياسي انداز شدت پسندانہ آهي ۽ خان جي تعليمات سبب مسئلا پيدا ٿين ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي وزير بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ سيد ناصر حسين شاهہ چيو آهي تہ سنڌ ۾ سڀني سياسي جماعتن کي پرامن سياسي سرگرمين جي اجازت آهي پر ڪنهن کي بہ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي هر علائقي ۾ بنا امتياز ترقياتي ڪم يقيني بڻايا پيا وڃن: مرتضى وهاب

باب خيبر کان اورنگي روڊ جي بهتري ۽ بحالي منصوبو بلديہ عظمى جو هڪ ٻيو اهم قدم آهي

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت عوامي ڀلائي جا منصوبا بنا فرق جاري آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضى وهاب چيو آهي تہ باب خيبر کان سيڪٽر 4 اورنگي روڊ جي بهتري ۽ بحالي منصوبي جو 182 ملين روپين کان وڌيڪ لاڳت سان سنگ بنياد رکڻ ڪراچي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سون جي قيمت ۾ 3700 روپين جي واڌ، في تولو سون 4 لک 73 هزار 262 روپين جو ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3 هزار 700 روپين جي واڌ ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 73 هزار 2 سئو 62 روپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب ڇنڇر ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 3 هزار 700 روپين جي واڌ ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 73 هزار 2 سئو 62 روپين جو ٿي ويو آهي 24 قيراط سون 10

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار بس جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت، ڊرائيور فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گلشن حديد واري علائقي ۾ تيز رفتار بس جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويو ريسڪيو ذريعن جو چوڻ آهي تہ فوت ٿيل جي سڃاڻپ 55 سالن جي ذوالفقار لاشاري جي نالي سان ٿي آهي، جڏهن تہ بس ڊرائيور واقعي ڪانپوءِ فرار ٿي ويو پوليس اختيارين ڪيس داخل ڪري جوابدار جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي

بدين: مقتول ڪيلاش ڪولهي جي قتل ۾ ملوث زميندار سرفراز نظاماڻي پنجاب مان گرفتار ڪرڻ جي دعوي

پوليس مياڻوالي لڳ هڪ ڳوٺ مان جوابدار کي سوگهو ڪري ورتو آهي، ڪيس بدين آندو پيو وڃي: ذريعا

جوابدار جي گرفتاري سندس عيوضي ۾ گرفتار ڪيل ڀاءُ جي نشاندهي تي عمل ۾ آئي آهي

سنڌ دوست اتحاد جي سرواڻ ڊاڪٽر عزيز ميمڻ پاران پوليس پارٽي لاءِ هڪ لک رپيا انعام ڏيڻ جو اعلان

بدين (د ر) پيرو لاشاري لڳ ڳوٺ ڏاهو ڪولهي ۾ پورهيت ڪيلاش ڪولهي کي گوليون هڻي قتل ڪندڙ ريٽائر فوجي سرفراز نظاماڻي کي بدين پوليس مياڻوالي لڳ هڪ ڳوٺ مان گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

بدين: ڪيلاش ڪولهي جي قاتل کي گرفتار ڪري آندو پيو وڃي

حيدرآباد اسرا يونيورسٽي اسپتال ۾ فوت ٿيل نوجوان ۽ ٻارڙي جي وارثن پاران ڌرڻي جو اعلان

فوت ٿيل نوجوان علي مراد لاشاري ۽ ٻارڙي صغري لاشاري جي خونن سان انصاف نہ ٿيو

اسرا اسپتال ۽ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ٻڪ هڙتالي ڪيمپ لڳائي ويندي: وارث

ڄامشورو (د ر) 40 ڏينهن اڳ اسرا يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ۾ فوت ٿيل نوجوان علي مراد لاشاري ۽ احتجاج ڪرڻ تي انتظاميا پاران جبري طور تي اسپتال مان نيڪالي ڏيڻ بعد فوت ٿيندڙ ٻارڙي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. فيروز آباد ٿاڻي جي حد طارق روڊ جي علائقي شهيد ملت روڊ تي ٻچا پارٽي جي ويجهو پر اسرار نموني پنهنجي گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ خانگي ڪمپني جو سيڪيورٽي گارڊ نقيب الرحمان

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مزدور اڳواڻ کي پوليس پاران مبينا گرفتاري ۽ گمشدگي خلاف مظاهرو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽريڊ يونين مزدور اڳواڻن انساني حقن جي ڪارڪنن ڪالهہ منصوبن نامور ترقي پسند دانشور ڊاڪٽر رياض شيخ، سعيد بلوچ، رياض شاهہ جو اقبال بٽ، مزدور اڳواڻ ناصر

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

آسٽريليا ۾ شديد گرمي، ٻيلن ۾ لڳل باهہ 7 لک 41 هزار ايڪڙ ايراضي تائين ڦهلجي وئي

آسٽريليا ۾ گرمي پد 111 ڊگري فارن هائيٽ کان وڌي ويو، وڪٽوريہ ۾ گهرن سميت 130 عمارتون تباهہ

وڪٽوريہ جي سرحد ويجهو ڪيترن ئي هنڌن تي لڳل باهہ انتهائي خطرناڪ حد تائين پهچي وئي، بجلي معطل

ڪينبرا (اي پي پي) آسٽريليا جي ڏکڻ اوڀر ٻيلن ۾ لڳل باهہ انتهائي خطرناڪ حد تائين ڦهلجي وئي ۽ ڪيترائي گهر سڙي خاڪ ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق آسٽريليا جي ڏکڻ اوڀر ٻيلن ۾ گڏيل

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايڊيشنل آءِ جي پاران جوابدارن سان مهاڙ اٽڪائيندڙ پوليس هيڊ ڪانسٽيبل کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ روڪ انعام ڏيڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان بلوچ ڪالوني ٿاڻي جي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: بار جي چونڊن ۾ وڪيلياڻي ووٽ ڏئي رهي آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ججن جون بدليون ۽ مقرريون، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ججن جون بدليون ۽ مقرريون، نوٽيفڪيشن جاري سنڌ

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گورنر پاران اتر وزيرستان ۾ 11 خوارجي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري اتر وزيرستان ۾ 11 خوارج کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

نمائندوں گذیدی ڈیتھوں مطالبہ کیتی، جنھوں او صوبے میں مختلف سیاسی تنظیمونءَ عوامی پارٹیں ۽ ٹریڈ یونین سنگھن سان ملاقاتون کیون، جنھن دوران انھن کنھن بہ ڈیم جو ڈیزائن تیار کرڻ کان اڳ سنڌيءَ ۽ پنجابي ماڻهن سان صلاح مشورو ڪرڻ گهرجي. انھن چيو تہ ڪالهوڑي ڊيم ٻنهي صوبن جي ماڻهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. انھن چيو تہ ڊيم جي ڊيزائن ۾ ڪنھن به قسم جي تبديلي کان اڳ ٻنهي صوبن جي ماڻهن سان صلاح مشورو ڪرڻ گهرجي

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
سنسار
Ibratsansar@yahoo.com
عبرت
68 Golden Jubilee Year
آچر 11 جنوري 2026ع

ايران تي آيل ڏکيو وقت



فيضان احمد

ايران ۾ مهانگائيءَ خلاف هلندڙ پرتشدد مظاهرن ۾ واڌ اچي وئي آهي ۽ سموري دنيا جو ڌيان اوڏانهن ڇڪجي رهيو آهي. جنهن دوران ايران جا دشمن اسرائيل ۽ آمريڪا ان انتظار ۾ آهن ته اتي ڪيئن تبديلي اچي اتي 1979 کان اقتدار سنڀاليندڙ آيت الله گهراڻي جي حڪومت جو ڪيئن خاتمو اچي. جيڪو سموري دنيا ۾ مسلمانن مٿان ٿيندڙ ظلم کي پنهنجي مٿان ظلم سمجهي مذمت ۽ مزاحمت ڪندو رهيو آهي. خاص طور تي اسرائيلي بربريت خلاف پنهنجا وسيلا ڪتب آڻي دشمن کي ڌڪائيندو رهيو آهي. جنهنجي موٽ ۾ عالمي سازشن سبب سخت ڏکيائين کي ڀوڳي رهيو آهي ۽ هن وقت ايراني معيشت پنهنجي تاريخ جي سڀ کان گهري بحران مان گذري رهي آهي. ايراني ڪرنسي "ريال" جو قدر تاريخ جي نهايت هيٺين سطح تي اچي ويو آهي. جتي هڪ آمريڪي ڊالر جي قيمت 14 لک 70 هزار ايراني ريال تي پهچي چڪي آهي. وڌندڙ مهانگائي. ناٽي ڦهلاءَ جي شرح 42 سيڪڙو کان مٿي آهي. جڏهن ته کاڌي پيتي جي قيمتن ۾ واڌارو 70 سيڪڙو کان وڌي ويو آهي. جنهن ڪري عام شهرين لاءِ پنهنجون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ مشڪل ٿي رهيو آهي.

گڏيل قومن ايران تي سيپٽمبر 2025 ۾ ڀيهر پابنديون لاڳو ڪيون. جنهن سان ايران جي تيل جو روانگي واپار ۽ عالمي مالياتي نظام تائين رسائي وڌيڪ محدود ٿي وئي. عالمي بينڪ مطابق. ايران جي معيشت 2025 ۾ 1.7 سيڪڙو گهٽ ٿي. جڏهن ته 2026 ۾ 2.8 سيڪڙو گهٽجڻ جو امڪان آهي. معاشي بدحالي جي ڪري ملڪ ۾ احتجاج ٿيا آهن. ۽ ايران جي 27 کان 50 سيڪڙو آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. جنهن خلاف ملڪ ۾ مظاهرا تيز ٿي ويا آهن. چيو وڃي ٿو ته انهن مظاهرن دوران احتجاج ڪندڙن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن ۾ ڇڪرين دوران مارجي ويلن جو انگ اڍائي سئو جي لڳ ڀڳ ٿي چڪو آهي.

مختلف شهرن ۾ احتجاج ڪندڙن ۽ سيڪيورٽي فورسز وچ ۾ سخت ڇڪرين دوران احتجاج ڪندڙن ڪيترن ئي شهرن ۾ ڀڃ ڊاهه ڪري سرڪاري ۽ نجي ادارن جي عمارت کي باهيون پڻ ڏنيون. تازين ڪارروايُن ۾ 26 بينڪن، 25 مسجدن، 2 اسپتالن ۽ 48 فائر ٽرڪن کي نقصان پهچايو ويو. جڏهن ته سرڪاري عمارتن ۽ پوليس اسٽيشنن تي به حملا ڪيا ويا. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي عملدار زخمي پڻ ٿيا.

ميڊيا رپورٽن موجب. پرتشدد مظاهرين ايمبولينس تي به حملو ڪيو. بسن ۽ شهري گاڏين کي باهه ڏني. وڳوڙن جي الزام ۾ تقريبن اڍائي هزار ماڻهن کي گرفتار پڻ ڪيو ويو آهي. جڏهن ته انٽرنيٽ سروس لڳاتار معطل ڪئي وئي آهي. آمريڪي ميڊيا جو چوڻ آهي ته رڳو تهران جي ڇهن اسپتالن ۾ 217 مظاهرين جي موت جي تصديق ٿي آهي. جن مان گهڻا گولي لڳڻ سبب مارجي ويا آهن. پر ايراني اختيارين اڃا تائين موت جي تصديق نه ڪئي آهي.

ٻئي پاسي وائيٽ هائوس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعوي ڪئي آهي ته ايران ۾ ماڻهن ڪيترن ئي شهرن تي قبضو ڪري ورتو آهي. "صورتحال تي اسان جي ويجهي نظر آهي. جيڪڏهن ايران ۾ ماڻهو ماريا ويا ته آمريڪا مداخلت ڪندو."

ايران اهڙا مظاهرا ڪرائڻ جو الزام آمريڪا تي هڻي ٿو ايراني روحاني اڳواڻ آيت الله خامنائي چيو آهي ته "آمريڪا جا هٿ ايرانين جي رت سان رنگيل آهن. ڪجهه فسادي عوامي ملڪيت کي نقصان پهچائي ٽرمپ کي خوش ڪرڻ چاهين ٿا. هن ٻن لفظن ۾ واضح ڪيو ته ايران ڀاڙيتو ماڻهن کي برداشت نه ڪندو."

آيت الله خامنائيءَ ايرانين تي زور ڀريو آهي ته اتحاد برقرار رکن. آمريڪا کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجو نقصان ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي. هن آمريڪي صدر کي پيغام موڪليو ته هو پنهنجي ملڪ جي مسئلن تي ڌيان ڏئي.

ٻئي پاسي ايراني پرڏيهي وزارت اقوام متحده کان گهر ڪئي آهي ته ايران جي خودمختياريءَ جي تحفظ لاءِ ايران اندر ٻاهرين مداخلت بند ڪرائي وڃي. ايراني پرڏيهي وزارت جو چوڻ آهي ته "ايران جي اندروني معاملن بابت آمريڪي بيان مداخلت ۽ فريب آهن."

ڏسڻو اهو آهي ته آمريڪي صدر جي خوشامد ۾ اربين ڊالر لٽائيندڙ عرب ملڪ ايران جي مالي ۽ سفارتي مدد لاءِ ڇا ٿا ڪن.

خطري ۾ پئجي ويل عالمي نظام

فريد احمد

آمريڪا جيڪو 38 هزار 430 ارب (38.43 ارب) ڊالر جو قرضي ٿي چڪو آهي. پنهنجي ان معاشي تباهيءَ کان بچڻ لاءِ مختلف ملڪن تي قبضي لاءِ سرگرم ٿي ويو آهي ۽ عالمي سطح تي هڪ نئين لاقانونيت پکڙجي رهي آهي. جنهن ڪري سموري دنيا جو امن خطري ۾ پئجي ويو آهي.

عالمي نظام جي ديوار ۾ منجيق جو گولو هڻندڙ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاڻ کي بين الاقوامي ۽ آمريڪي قانونن کان مٿانهون قرار ڏيندي چيو آهي ته 'ڪيس کنهن به قانون جي ضرورت ناهي. ۽ نه ئي هو بين الاقوامي قانونن تي عمل ڪرڻ جو پابند آهي. سندس مرضي آهي جيئن وڻندس تيئن ڪندو. ڪي به معاهدا ۽ واعدا سندس راهه نٿا روڪي سگهن ۽ آمريڪا جي فائدي لاءِ ڪنهن به ملڪ ۾ داخل ٿي سگهي ٿو.' مطلب ته هن کي ڪو به ملڪي توڙي عالمي قانون نٿو روڪي سگهي. هو جنهن به ملڪ تي چاهي. جڏهن به چاهي حملو ۽ قبضو ڪري سگهي ٿو. وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو کي اغوا ڪرڻ. اتان جي تيل ۽ ٻين وسيلن تي قبضي جو اعلان ڪرڻ سان گڏ گرين لينڊ ۽ ٻين ملڪن تي قبضو ڪرڻ جا ارادا ظاهر ڪرڻ. ايران ۾ پرتشدد مظاهرا ڀڙڪائڻ ۽ اتي آمريڪي مداخلت جو چتاءُ ڏيڻ جهڙا ڪيترائي قدم کڻندڙ آمريڪا سواءِ اسرائيل ۽ برطانيا جي باقي سموري دنيا لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻجي رهيو آهي. ايستائين جو ان جا ويجها اتحادي يورپي ملڪ به ٽرمپ جي شڪل ۾ نازل ٿيل نئين مصيبت کان بچڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ تي مجبور ٿيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ چين ۽ روس چپ چاپ ڏسي رهيا آهن. جڏهن ته ٽرمپ واضح اعلان ڪري انهن لاءِ به چوي ٿو ته هو ڪائنن ڊڄي ويا آهن.

اها خطرناڪ صورتحال وينزويلا ...

بهرحال وينزويلا جو صدر مادورو بروڪلن جي جيل ۾ آهي. جڏهن ته ٽرمپ اعلان ڪيو آهي ته آمريڪا وينزويلا کي هلائيندو. "نئين وينزويلا حڪومت آمريڪا سان سهڪار ڪندي ۽ آمريڪا لکين بيرل تيل ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ آمدني به پاڻ سنڀاليندو."

عالمي تجزيه ڪار چون ٿا ته موجوده صورتحال ۾ ٽرمپ ۽ سندس صلاحڪار عوامي طور تي وينزويلا ۽ ان جي ڏکيائين کي نظرانداز ڪري رهيا آهن. اهو ملڪ ايراضيءَ جي لحاظ کان جرمنيءَ کان به وڏو آهي. ملڪ جي حڪمرانيءَ ۾ مختلف گروهن جو اثر آهي. جنهن تي مسلسل ڪرپشن ۽ عوامي راءِ کي دٻائڻ جو الزام هنيو ويندو آهي.

مادورو خلاف ڪارروائي ڪرڻ کان پوءِ صدر ٽرمپ لاطيني آمريڪا جي ٻين ملڪن ڪولمبيا، ميڪسيڪو، گرين لينڊ ۽ ڊينمارڪ خلاف به ڪارروائي ڪرڻ جو اشارو ڏنو آهي. اهڙي طرح يورپي ملڪ به سندس هن عمل کان ناراض ٿي رهيا آهن. جنهنجي نتيجي ۾ جنگي اتحاد نيٽو پڻ ڏڦيڙ جو شڪار ٿي سگهي ٿو جڏهن ته آمريڪا سمجهي ٿو ته هن کي هاڻي ڪنهن به جنگي اتحاد جي ضرورت ناهي ۽ سندس فوج دنيا جي سڀ کان مضبوط فوج آهي. جيڪا اڪيلي سر "سيڪجهه" ڪري سگهي ٿي. ان ڪري آمريڪا جو ڏيان مالي بحران مان نڪرڻ ۽ دنيا مٿان حڪمراني ڪرڻ تي آهي. ڇاڪاڻ ته آمريڪا تي جاپان جو قرض 11 کرب ڊالر، چين جو 8 کرب ڊالر ۽ برطانيا جو 17 کرب ڊالر آهي. جڏهن ...

... آهن. جتني ڊينمارڪ جي دفاعي وزير آمريڪا کي چتاءُ ڏنو آهي ته "گرين لينڊ تي آمريڪي فوج حملو ڪيو ته اسان جون هٿياربند فوجون حڪمن جو انتظار ڪرڻ کان سواءِ فوري طور تي جواب ڏينديون ۽ پهريان گولي هڻنداسين. سوال پوءِ ڪنداسين." ان کان اڳ 7 يورپي ملڪن آمريڪي امڪاني ڪارروائيءَ جي مخالفت ڪندي گڏيل بيان ۾ چيو هو ته "صرف گرين لينڊ ۽ ڊينمارڪ کي گرين لينڊ جي مسئلي تي فيصلو ڪرڻ جو حق آهي." ۽ هاڻي جرمن صدر فرينڪ والٽر اسٽائن مائر ڊونلڊ ٽرمپ جي پاليسين تي سخت تنقيد ڪندي چيو آهي ته "آمريڪا عالمي نظام کي تباهه ڪري رهيو آهي. ۽ آمريڪي پرڏيهي پاليسي قائم ٿيل عالمي نظام کي تباهه ڪري رهي آهي. دنيا کي لٽيرن جي پناهه گاهه بڻجڻ کان بچايو وڃي. روس طرفان ڪريميا جي الحاق ۽ يوڪرين تي حملي کان پوءِ آمريڪا جي تازي پاليسي بين الاقوامي قدرن ۽ جمهوريت کي سخت خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن بين الاقوامي قانون ۽ اتحاد مضبوط نه رکيا ويا ته وڏيون طاقتون ننڍن ملڪن کي پنهنجي مرضيءَ جي تابع ڪري ڇڏينديون." ٻئي طرف هڪ سروي ۾ جرمن عوام جي راءِ ۾ اضافو پڻ ڏيکاريو ويو آهي ته آمريڪا هاڻي هڪ قابل اعتماد اتحادي ناهي. بهرحال آمريڪا پاڪستان جي واڳ ڌڻين جي جيڪا خوشامد ڪري رهيو آهي يا مٿي تي هٿ گهمائي رهيو آهي. اهو به ان جي ارادن جي تڪميل واري مقصد کان خالي ناهي.

... ٿو ته فلوريڊا رياست ۾ پنهنجي گهر ويٺي سڄو لقاءُ ... ڪو روبيو ۽ دفاعي سيڪريٽري پيٽ هيگسيٿ ۽ ٻيا ... س نيوز کي انٽرويو ڏيندي ٽرمپ ان سڄي واردات کي ... انداز ۾ هڪ خفتيءَ وانگر اظهار ڪيو. "جيڪڏهن ... ته اهو تمام گهڻو متاثر ڪندڙ هو... اهو هڪ بهترين ... ڪري سگهي ها."

... ڪاميابي حاصل ڪرڻ تي پرجوش هيو. هو فخر سان ... روائيءَ دوران هڪ به آمريڪي ناهي مئو جيئن ٽيڪ ... هو جيئن آمريڪي فوجن کي صدام حڪومت جو ... ۾ ڍگهي عرصي تائين رهڻو پيو.

ته ٻيا عوامي ۽ ملڪي ادارن جا قرض ڏار آهن. اهڙي طرح آمريڪا تي قرضن جو مجموعي انگ 38.43 ارب ڊالر آهي. جنهن ۾ روزانو 8 ارب 30 ڪروڙ ڊالر جي حساب سان واڌارو ٿي رهيو آهي. ان ڳالهه جو آمريڪي عوام کي به اندازو آهي ته ان جي حڪومت انسان دوستي ۽ سياسي سماجي قدرن جي پاسداريءَ جي نالي تي مختلف ملڪن مٿان جيڪي جنگيون مڙهي رهي آهي. ان جو اصل سبب ڇا آهي.

مبصرن جو رايو آهي ته آمريڪا جو مالي بحران ان کي اخلاقي طور پست ڪري رهيو آهي ۽ آمريڪا جيڪو سموري دنيا تي حاڪميت جو رعب جمائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اهو ٺلهي بدمعاشيءَ کانسواءِ ڪجهه به نه آهي. ان جا اتحادي ۽ پاڙيسري هن جي ان غنڊا گرديءَ کي سمجهي چڪا ...



واپڊا مٽياري جا ڪلور، جيٽنڊل ڪوٽ فيڊر جي صارفين کي ڊبڪشن وارا بل جاري ڪري ڇڏيا

بجلي جا حد کان وڌيڪ ۽ ڊبڪشن وارا بل موڪلڻ سبب واهپيدار سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا

واپڊا مٽياري جا ميٽر ريڊر بنا ميٽر چيڪ ڪرڻ جي ڏکي تي ريڊنگ لکي موڪلين ٿا: علائقي واسي

نتيجي ۾ اصل استعمال کان گهڻو وڌيڪ يونٽس ڏيکاريا وڃن ٿا، ڊبڪشن وارا بل رد ڪري انصاف ڪيو وڃي

مسوپرگوٺي (ن ع) مسوپرگوٺي جي جيٽنڊل ڪوٽ فيڊر تي واپڊا مٽياري پاران بجلي جا حد کان وڌيڪ ۽ ڊبڪشن وارا بل موڪلڻ سبب واهپيدار سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ...

آمريڪا جون ڪارروايون عالمي امن لاءِ خطرناڪ آهن: ڊاڪٽر اسد اقبال زيدي

ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان جڙيل اکڙي ويو

ديهه 333 ڪارپيٽ لنڪ روڊ سال پورو ٿيڻ کان اڳ ئي هنڌان هنڌان ٽٽي تباهه ٿيڻ لڳو

ناقص ميٽيريل جي استعمال سبب روڊ اکڙي تباهه ٿي رهيو آهي، ايڪشن ڪنيو وڃي: رهواسي

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ ديهه 333 ڪارپيٽ لنڪ روڊ سال پورو ٿيڻ کان اڳ ئي هنڌان هنڌان ٽٽي تباهه ٿيڻ لڳو آهي ...

ڪوٽ غلام محمد ڪرڙ ديهه 333 روڊ تعمير ڪاربيٽ لنڪ روڊ جي تباهه ٿيل تصوير

شهدادڪوٽ تعلقي ۾ پ ٽ الف جي چونڊ، دريا خان مستوئي پينل ڪامياب

سکرنڊ ۾ انڊس پبلڪ سوشل فورم پاران ميچ ڪچهري

سکرنڊ (ن ع) انڊس پبلڪ سوشل فورم پاران مجيد عباسي شاهنواز ساجولي نويد سومرو، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ ڪيريو جي ميزباني هيٺ تعليم جو ضروري آهي جي عنوان هيٺ ميچ ڪچهري ڪرائي وئي ...

آرمي سليڪشن اينڊ رڪروٽمينٽ آفيس چور جي پڌرائي

سنڌ ترقي پسند پارٽي جو وفد سکرنڊ پريس ڪلب پهتو

نون چونڊيل عهديدارن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪون اوڍائي مبارڪباد پيش

پارٽي جو پيغام پهچائڻ ۾ سکرنڊ پريس ڪلب جو اهم ڪردار آهي: اڳواڻ

سکرنڊ (ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي وفد تعلقه صدر گلزار اوڙ جي اڳواڻيءَ ۾ سکرنڊ پريس ڪلب پهچي 2026 لاءِ نون چونڊيل عهديدارن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪون اوڍائي مبارڪباد پيش ڪئي ...

سکرنڊ ايس ٽي پي جو وفد سکرنڊ پريس ڪلب پهچي نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد پيش ڪندي

گڏيجي ۾ تحفظ ناموس صحابه واهلبيت ڪنوينشن

حيدرآباد ۾ عوامي تحريڪ طرفان احتجاجي مظاهرو

وينزويلا تي آمريڪي جارحيت خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪيلاش ڪرڪولهي جي قتل سان ٻوري ...

ٻڌي ميرواهه تعلقي ۾ ڪنڊريل ڇٽن ڏينهن کان سخت ڪوهيڙي جو راڄ

گهاڙو شڪر مل مالڪن جي نااهلي سبب ڪارخانو بند

وڳڻ ۽ پرياسي جي علائقن ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي

هالا ۾ مخدوم رفيق الزمان جي مينيجر جي وفات تي تعزيت

نصيرآباد ڊاڪٽر اسد اقبال زيدي ميڊيا سان ڳالهائيندي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پهلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 11 جنوري 2026ع

اتر وزيرستان ۽ ڪُرم آپريشن: امن جي پيدا ٿيل نئين اُميد!

خيبر پختونخوا ۾ سيڪيورٽي فورسز طرفان تازو انٽيليجنس بيسڊ آپريشن رياست جي عزم کي هڪ ڀيرو ٻيهر واضح ڪري ٿو ته دهشتگرديءَ خلاف جنگ آخري ساهه تائين جاري رهندي. اتر وزيرستان ۽ ضلعي ڪرم ۾ ٿيل ٻن الڳ آپريشنن دوران 11 دهشتگردن جو مارجي وڃڻ نه رڳو هڪ اهم فوجي ڪاميابي آهي پر انهن قوتن لاءِ پيغام آهي جيڪي پاڪستان ۾ دهشتگردي ۽ بدامني ڦهلائڻ لاءِ اندروني توڙي ٻاهرين سرپرستي هيٺ ڪم ڪري رهيا آهن. پاڪ فوج جي ترجمان اداري (آءِ ايس پي آر) پاران جاري ڪيل بيان موجب مارجي ويل دهشتگردن جو تعلق پارٽي پراڪسي فتنه الخوارج سان هو جيڪا رياست پاران پابندي مڙهيل تحريڪِ طالبان پاڪستان لاءِ استعمال ٿيندڙ اصطلاح آهي. حقيقت ۾ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ملڪ اندر ٿيندڙ دهشتگردي صرف مقامي مسئلو ناهي پر ان جي پاڙ علائقائي ۽ عالمي سازشن سان ڳنڍيل آهن. اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز کي دهشتگردن جي موجودگيءَ بابت ڳُجهو اطلاع مليو جنهن کان پوءِ ڪيل ڪارروائيءَ دوران فائرنگ جي سخت ڏي وٺ ٿي ۽ ڇهه دهشتگرد مارجي ويا. ساڳئي ڏينهن ضلعي ڪرم ۾ پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز جي گڏيل آپريشن ۾ پنج ٻيا خوارج به ماريا ويا. ٻنهي ڪارروائين دوران تمام گهڻي تعداد ۾ هٿيار ۽ گولابارود جي هٿ اچڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اهي دهشتگرد نه رڳو سيڪيورٽي ادارن خلاف ڪارروائين ۾ ملوث هئا پر بيگناهه شهرين جي ٽارگيٽ ڪلنگ جهڙن ڏوهن ۾ به سرگرم رهيا. اهڙن عنصرن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نٿو ڪري سگهجي.

پاڪ فوج جون رياست مخالف عنصرن خلاف جاري ڪليئرنس آپريشنز ان ڳالهه جو اظهار آهن ته رياست عارضي ڪاميابين تي مطمئن ٿيڻ بدران دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي تائين جدوجهد جاري ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. گڏيل سطح تي جاري آپريشن ٻڌائين ٿا ته جيڪڏهن اهڙن نيٽ ورڪن کي مڪمل طور تي ختم نه ڪيو وڃي ته اهي هڪ ڀيرو ٻيهر منظم ٿين ٿا. تنهن ڪري مستقل ۽ جامع حڪمت عملي، جنهن ۾ هٿياربند فوج، پوليس، انٽيليجنس ادارا ۽ سول انتظاميا گڏجي ڪم ڪن ته اهڙن عنصرن جون پاڙون اُکيڙي سگهجن ٿيون. ٻئي طرف وزيراعظم شهباز شريف ۽ صدرِ مملڪت آصف علي زرداريءَ پاران سيڪيورٽي فورسز جي واکاڻ قومي سطح تي اتحاد ۽ اعتماد جو مظاهرو آهي. جڏهن ملڪ جي سياسي قيادت، ادارا ۽ عوام هڪ ئي صف ۾ بيٺل هوندا ته دشمن قوتن لاءِ پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ڏکيو ثابت ٿيندو. دهشتگرديءَ خلاف جنگ رڳو هٿيارن سان نٿي وڙهي سگهجي پر ان لاءِ قومي اتفاق، سياسي استحڪام، معاشي سڌارا ۽ علائقن ۾ ترقي به لازمي آهي ته جيئن انتهاپسنديءَ پيدا ٿي نه ٿي سگهي.

اها به حقيقت آهي ته خيبر پختونخوا، خاص طور تي قبائلي علائقا گذريل ڊگهي عرصي کان دهشتگرديءَ جو ميدان بڻيل آهن. جنهن عام ماڻهو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيو آهي، پر اهڙين ڪامياب ڪارروائين سان اميد پيدا ٿئي ٿي ته نيٺ هڪڙو ڏينهن اهڙو به ايندو جو رياست انهن علائقن ۾ مڪمل طور تي امن بحال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندي. بهرحال ضروري آهي ته امن قائم ٿيڻ کان پوءِ تعليم، روزگار ۽ سماجي ترقيءَ جا در کوليا وڃن ته جيئن نوجوان نسل ڪنهن به ناگوار سوچ جو شڪار نه ٿئي. دهشتگرديءَ خلاف جاري جنگ رڳو فوجي محاذ تي نه پر فڪري ۽ سماجي محاذ تي به وڙهڻي پوندي ۽ تڏهن ئي ملڪ هڪ پُرامن، محفوظ ۽ مستحڪم ملڪ طور اڳتي وڌي سگهندو.

لطيفي لات — **شاهه عبداللطيف ڀٽائي**

سيئِي جويَنَ ڏِينهَن، جڏهن سَڄَڻَ سَفَرِ هَليا!
رُئان رَهنِ نه سُپرِين، آيَلِ! ڪَريان ڪِيئَن؟
مُونکي چاڙهي چِيئَن، ويو وَڻجارو اوهِري!
(سُر سامونڊي)

Notes From Europe

ناڪا اسٽاڪهولم کان موروتائين: پوسٽ آفيس جي يادن جو هڪ سفر

عبدالله عثمان موراڻي

اڄ جي ڊجيٽل دور ۾ جتي هڪ ڪلڪ تي پيغام سڄي دنيا ۾ پهچي وڃي ٿو، اتي خطن جو انتظار ۽ پوسٽ آفيس جي رونق هاڻي رڳو يادن جي پناهه گاهن ۾ وڃي بچي آهي. تازو سويڊن جي شهر ناڪا اسٽاڪهولم ۾ جڏهن مون کي نئين قانون تحت پنهنجي پوسٽ يعني خط پٽ، پوسٽ آفيس مان وڃي وصول ڪرڻ جو نياپو مليو ته ناڪا جي ان پوسٽ آفيس جي دُر وٽ منهنجا پير رُڪجي ويا. ائين لڳو ڄڻ وقت جا سڀ ڪانٽا پٺتي گهمي ويا هجن.

ناڪا جي اُن جديد پوسٽ آفيس ۾ داخل ٿيندي ئي منهنجي اکين اڳيان سنڌ جي شهر موري جي پوسٽ آفيس جو عڪس تري آيو آهي.

عورتن جي بااختيار ٿيڻ لاءِ هڪ نئين سوچ!

غلام فاروق

سنڌي سماج ۾ عورتن جي معاشي خودمختياري هڪ اهڙو موضوع آهي جيڪو نه صرف عام ماڻهوءَ جي سطح تي تبديلي آڻي سگهي ٿو پر پوري معاشري کي ترقيءَ جي نئين راهه تي وٺي وڃي سگهي ٿو. چوڻي آهي ته "ڪنهن کي مڇي ڏيڻ کان بهتر آهي ته ان کي مڇي پڪڙڻ سيکاريو." ان چوڻيءَ جو مطلب آهي ته مستقل مدد جي بدران ماڻهوءَ کي اهڙو هنر سيکاريو جو هو پاڻ پنهنجي پيرن تي بيهي سگهي. اهڙي طرح معاشرو بلاشاهيءَ جي راهه اختيار ڪري سگهي ٿو. جيئن وڏڙن پاران چيو ويو آهي ته "هنر بلاشاهه آهي" اڄڪلهه جي دور ۾، خاص طور تي سنڌ ۾ غربت ۽ بيروزگاريءَ جا مسئلا تمام گهڻو وڌي ويا آهن. اهڙي سوچ کي عملي جامو پهرائڻ جي سخت ضرورت آهي خاص طور تي عورتن لاءِ جيڪي سماج جو اهم حصو آهن پر اڪثر معاشي طور تي محتاج بڻيل آهن. ان حوالي سان سنڌ حڪومت پاران هلندڙ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) نهايت ئي ساراهه جوڳو قدم آهي. اهو پروگرام 2008ع کان هلندڙ آهي ۽ ان جو مقصد غريب خاندانن خاص طور تي عورتن کي مالي مدد فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن اهي پنهنجي بنيادي ضرورتن کي پورو ڪري سگهن. هن پروگرام تحت لکين عورتن کي هر مهيني مالي امداد ملندي آهي جيڪا انهن کي مالي ٽيڪ فراهم ڪري ٿي. پر هتي سوال پيدا ٿئي ٿو ته ان پروگرام مان اسان جي سماج کي مستقل فائدا حاصل ٿيا آهن؟ ڇا اهو صرف عارضي راحت فراهم ڪري رهيو آهي يا سماجي تبديليءَ جو سبب بڻجي رهيو آهي؟ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي فائدن تي نظر وجهون ٿا ته اهو واضح ٿئي ٿو ته ان پروگرام غريب عورتن جي زندگيءَ ۾ فوري طور تي مثبت اثر وڌو آهي.

اسان عورتن کي صرف امداد نه پر مهارتون سيکاريون. جيڪڏهن اسان اهڙو قدم کڻندا سين ته سنڌ جو معاشرو ترقيءَ جي نئين دور ۾ داخل ٿيندو. اهڙي پروگرام جي ڪاميابيءَ جا مثال دنيا ۾ موجود آهن مثال طور، بنگلاديش ۾ گرامين بئنڪ جو ماڊل جتي عورتن کي مائڪرو قرض ۽ تربيت سان بااختيار بڻايو ويو آهي. اهڙي طرح ڀارت جي سيلف هيلپ گروپس عورتن کي هنرسيکاري معاشي طور تي مضبوط بڻايو آهي. سنڌ ۾ پڻ اهڙا پروگرام شروع ڪيا وڃن ٿا ته انهيءَ جا واضح نتيجا نظر ايندا.

(ليکڪ ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي ايڇ ڊي ريسرچ اسڪالر (Artificial Intelligence) يونيورسٽي آف يوٽيمارڪوٽي، اٽلي ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايڇ آءِ ۽ ريسرچ، ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز آهي)

21هين صديءَ ۾ 1857ع جو منظر!

محمود شام

"اُئون بيگناهه آهيان، اُئون هڪ مهذب ۽ نميوار انسان آهيان مون ڪوبه ڏوهه ناهي ڪيو ۽ نه ئي ڪنهن پرڏيهي ملڪ کي اهو حق حاصل آهي ته هو اهڙي طرح ڪنهن خودمختيار ملڪ جي صدر کي اغوا ڪري زوريءَ پنهنجي ملڪ کڻي وڃي" وينزويلا جي 63 ورهين جي صدر نڪولس مادورو گهيرا جو هي بيان نيويارڪ جي هڪ عدالت ۾ سامهون آيو. جيڪو سڄي دنيا ۾ موجوده امريڪي حڪومت لاءِ وڏي شرمندگيءَ جو سبب بڻجي ويو آهي. هن واقعي ڪاٿوءِ هر ملڪ ۾ بحث هلي رهيو آهي ته ڇا ڪنهن پرڏيهي ملڪ کي اهو اختيار هجڻ گهرجي ته هو ٻئي ملڪ جي اندروني معاملن ۾ اهڙي کليل جارحيت ۽ مداخلت ڪري. وينزويلا ڏکڻ امريڪا جو هڪ اهم ملڪ آهي جنهن جي آبادي لڳ ڀڳ 3 ڪروڙ 10 لک آهي. ملڪ جي ڪل ايراضي 916 هزار 445 چورس ڪلوميٽر تي پکڙيل آهي جڏهن ته هتي دنيا جا وڏا 303 ارب بيرل تيل جا ذخيرا موجود آهن. هن ملڪ جي قومي ٻولي هسپانوي آهي. حڪومتي نظام وفاقي صدارتي جمهوريه تي ٻڌل آهي. سياسي طور ملڪ تي يونائيٽيڊ سوشلسٽ

جي بالادستي ۽ انصاف سبب سڄي دنيا ۾ سڃاتو ويندو هو. اهو پاڻ کي آزادي ۽ جمهوريت جو علمبردار سمجهندو هو. پر افسوس جو 21هين صديءَ ۾ به 18هين ۽ 19هين صديءَ جا سامراجي طريقا وري نئين سر ورجايا پيا وڃن. هي صورتحال تاريخ جي انهن ڪارن ورقن ڏانهن وٺي وڃي ٿي جتي 1857ع ۾ دهليءَ جي همايون جي مقبري تي آخري مغل بادشاهه بهادر شاهه ظفر کي انگريز قابض گرفتار ڪري بغاوت جا الزام هڻي ڪيس هلايا. پوءِ مارچ 1858ع ۾ ڪيس زوري اغوا ڪري رنگون منتقل ڪيو ويو. پاڻ کي مهذب ۽ متمدن سڏائيندڙ انگريز هجن يا امريڪي ڇا آهي هر صديءَ ۾ اهڙي ئي نموني انسانيت جي توهين ڪندا رهندا؟ ڊانلڊ ٽرمپ ته دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٿين ٿيون. منشيات جي اسمگلنگ به هلي رهي آهي. پنهنجن ماڻهن تي ظلم به ڪيو وڃي ٿو. انهن سڀني

اجازت وٺڻ بنا ڪيو وڃي؟ ڇا اهڙي عمل سان ڪانگريس ۽ سينيٽ جا سڀ اختيار بي معنيٰ ٿي نٿا وڃن؟ ڇا وائيٽ هائوس ۾ ويٺل امريڪي صدر واقعي پنهنجن سيني ملڪي ۽ بين الاقوامي قانونن کان مٿاهون سمجهيو ٿو وڃي؟ امريڪا جو صدر آخر ڪهڙي بنياد تي اهو چئي سگهي ٿو ته هاڻي وينزويلا جا معاملا امريڪا هلائيندو؟ ڪنهن زماني ۾ امريڪا پنهنجي جمهوري قدرن، انساني اخلاق، قانون

جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جيڪڏهن ايران ۾ اهڙو ڪو قدم کنيو ويو ته ان جا اثر سڌو سنئون پاڪستان تي به پوندا. جيڪڏهن هن وقت هن ذاتي غيرقانوني ۽ جارحانه قدم خلاف آواز نه اٿاريو ويو ته پوءِ ڀارت جو ڪشمير تي ناجائز قبضو ۽ اسرائيل جا فلسطينين تي ظلم به جائز سمجهيا ويندا. ان سان وڏن ملڪن کي ننڍين قومن جي معاملن ۾ مداخلت جو کليل رستو ملي ويندو ۽ اقوام متحده جهڙو عالمي ادارو مڪمل طور مفلوج بڻجي رهجي ويندو.

معدني وسيلا ۽ آمريڪا جون دنيا سان ڏاڍايون!

منظور ڪوسو

دنيا ۾ هلندڙ جنگين انسانيت کي تباهيءَ جي ڪناري پهچائي ڇڏيو آهي. انسانيت جا آفاقي قدر، گڏيل قومن جون پاليسيون، انساني حقن جون عالمي تنظيمون، ڪوبه ادارو دنيا کي جنگين کان نجات ڏياري ڪونه ٿو سگهي. سڀئي انسان دوست ادارا سڏيا ويندڙ وڏين طاقتن خاص ڪري آمريڪا، برطانيه، فرانس ۽ انهن اتحادين جي اڳيان ڪاغذي حيثيت کان وڌيڪ ڪابه اهميت ڪونه ٿا رکن. گڏيل قومن جو ادارو ته هر اهم مسئلي تي آمريڪا جي ويٽو جو منتظر هوندو آهي. دنيا ۾ جتي به وافر مقدار ۾ توانائيءَ جا ذريعا موجود آهن اتي ڪنهن نه ڪنهن بهاني آمريڪا سرڪار يا ٻيون وڏيون طاقتون جنگ ۾ لهي پون ٿيون، جيئن وينزويلا جو مثال اسان جي سامهون آهي. دنيا ۾ جنگين جي تاريخ جو بُري ۾ بُرو مثال ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا ٿيندو ته سرعام هڪ ملڪ جي صدر ۽ ان جي زال کي بطور طاقت اغوا ڪيو وڃي. دنيا جو ڪهڙو قانون گڏيل قومن جي ڪهڙي پيرا ان دهشتگرديءَ جي اجازت ڏئي ٿي. گڏيل قومون ۽ عالمي عدالت جهڙا ادارا موجود آهن. پوءِ به دنيا ۾ هن قسم جا واقعات نهايت ئي شرم جوڳا آهن.

وهي ته وري هُو توان جنگي منصوبا جوڙڻ لڳو آهي. وينزويلا ڪاٿوءِ آمريڪا جي نظر ڪيوبا تي آهي. ايران ۾ مداخلت عرب ملڪن جي دولت تي جنگيون وڙهڻ ۽ انهن کي هٿيار وڪرو ڪرڻ ڪاٿوءِ هاڻي وري انهن کي جنگ جي باهه ۾ اڇلائي تماشو ڏسڻ جي ڪوشش پيو ڪري. روس ۽ يوڪرين جي جنگ ۾ ٿيندڙ جاني ۽ مالي نقصان مان ڪنهن به ريت آمريڪا ۽ انهن جي اتحادين کي بري الذمه قرار نه ٿو ڏئي سگهجي. آمريڪا ۽ يوڪرين جي وچ ۾ يوڪرين جي ناياب معدني ذخيرن جو معاهدو ۽ آمريڪا جو جنگ ۾ يوڪرين کي مڪمل سپورٽ ڪرڻ جو مقصد ئي هن جنگ ۾ يوڪرين جي دولت هٿيائڻ هو. فنانشل ٽائيمز جي هڪ رپورٽ موجب صدر ڊونلڊ ٽرمپ يوڪريني صدر زيلينسڪي کان 500 ارب ڊالر جي آمدني جي گهر ڪئي، جنهن کان يوڪرين جي صدر انڪار ڪيو

بيوس آهن ۽ اها بيوسي هڪ ڏينهن دنيا ۾ وڏي تباهي آڻيندي. روسي ذريعن موجب هن وقت تائين پنج لک ڏهه هزار يوڪريني فوجي ماريا يا زخمي ڪيا ويا آهن ۽ ٻيو بي انداز نقصان ٿيو. ڪاٿوءِ آهي! جيڪڏهن اهي جنگيون ائين هلنديون رهيون يا ته دنيا کي هڪ تمام وڏي تباهي سان منهن ڏيڻو پوندو يا دنيا جي امن پسند ملڪن کي هڪ ٽيبل تي ويهي ڪو حل ڪڍڻو پوندو. نه ته پي صورت ۾ ڪنهن جو به مشرق کان مغرب تائين محفوظ رهڻ مشڪل ڇا پر ناممڪن آهي.

اڄوڪو ڏينهن 11 جنوري

مختيار اٽڙ

ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ مولوي احمد آخوند بن عبدالعليم هالائيءَ کان فارسي، اردو ۽ ديني تعليم جي تڪميل ڪيائين عربيءَ جي بنيادي تعليم حاجي حڪيم قاضي سيد اسد الله شاهه فدائيءَ کان حاصل ڪيائين جيڪو ڪيترن ئي عربي ۽ فارسي ڪتابن جو مصنف هو. هن حق جي راهه ۾ هندستان جي مختلف علائقن سميت ڪيترن ئي عرب ملڪن جو سفر ڪيو. ڪربلا معليٰ جي زيارت سان گڏ حج جي سعادت به حاصل ڪيائين. هو شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ، آخوند لطف الله لطف، آخوند محمد قاسم هالائي، سيد غلام مرتضيٰ شاهه مرتضائي ۽ ميمڻ محمد هاشم مخلص جو خاص صحبتي هو. غلام محمد شاهه گدا پنهنجي دور جو هڪ قادرالڪلام شاعر هو جيتوڻيڪ هن جي شاعريءَ جو وڏو حصو غزلن تي مشتمل آهي پر ساڳئي

ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. هن لڏيانه هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان 1942ع ۾ پاس ڪيو. هن 1946ع ۾ پنجاب يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي ۽ 1953ع ۾ اردو ادب ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪئي. هو پنهنجي دور جو برک ليکڪ، شاعر ۽ ڪالم نگار هو. سندس غزل "انشا جي اٿو اب ڪوچ ڪرو، اس شهر ۾ جي ڪولڳانا ڪيا" اڄ به سڄي ننڍي کنڊ ۾ مشهور آهي. سندس شاعريءَ جي مجموعن ۾ چاند نگر ۽ اس بستي کي اڪ ڪوچي ۾ شامل آهن. هن جا طنز ۽ مزاح جا 6 ڪتاب ۽ پنج سفرناما ڇپيل آهن جيئن

ڪيائون. پاڻ ڪيترن ئي ادبي تنظيمن جو بنياد رکيائون، جن ۾ انجمن علم وادب، جميعت الشعراءِ ۽ بزم طالب المولا شامل آهن. سندس ڪافين ۽ ڪلام اڄ به سموري سنڌ ۾ مشهور آهن. رُونا ليليٰ، حسين بخش خادم، مصري فقير ۽ ٻين ڪيترن ئي راڳين کي مخدوم صاحب جون ڪافيون ۽ ڪلام ڳائڻ سبب شهرت ملي. مخدوم صاحب 25 کان وڌيڪ ڪتاب تصنيف ڪيا. پاڻ 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر نامزد ٿيا. ان بعد ٻه ڀيرا انهيءَ بورڊ جي چيئرمين طور خدمتون سرانجام ڏنائون. 1962ع کان 1972ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس حيدرآباد ۾ هئي. انهيءَ عرصي دوران مخدوم صاحب پهرين پنهنجو ڳڙهي کاتي وارو ذاتي گهر "امين منزل" ۽ بعد ۾ سول لائنس وارو بنگلو بنا مسواڙ جي سنڌي ادبي بورڊ کي ڏنو. سنڌ جو هي عظيم انسان 11 جنوري 1993ع تي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو.

عبدالحميد جتوئي

پون سنڌي

مخدوم محمد زمان طالب المولا

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ سول جج اينڊ جي ايم قاضي احمد

Cr.M.A No. /2026

فيملي سوٽ نمبر 614 سال 2025

سڪندر علي پٽ حاجي مينهون جيسر مسلم بالغ رهندڙ خانپور ضلعو دادو....اپيليڪينٽ...خلاف: دي اسٽيٽ....آپوننٽس. ڪارروائي نمبر07 سال 2026. يو/ايس 550 سي آر پي سي. پي ايس: قاضي احمد

پبلڪ ايٽ لارج:

جڏهن ته مٿي ڄاڻايل درخواست ڏيندڙ سيڪشن 516 سي آر پي سي تحت عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي آهي پنهنجي ملڪيت يعني ٽرڪ رجسٽريشن نمبر JU-0841 ماڊل 1987 انجڻ نمبر J50-00297 چيسس نمبر60155 کي وصول ڪرڻ لاءِ جيڪا مٿي ذڪر ڪيل ڪارروائي ۾ قاضي احمد جي پوليس هٿ ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج جي ايم قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد

(روبرو جناب عابد علي لاکو)

فيملي سوٽ نمبر 545 سال 2025

مسمات حسنا ڌيءُ محمد يوسف قريشي مسلم بالغ رهندڙ سانگهڙ روڊ ويجهو پي ايس او پمپ نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد...پلينٽف...خلاف: عبدالمجيد پٽ عبدالحميد شيخ مسلم بالغ رهندڙ صرافا بازار سونار گهٽي ويجهو ريشم گهٽي حيدرآباد ضلعو حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد

(روبرو جناب عابد علي لاکو)

ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن نمبر 71 سال 2025

ان فيملي سوٽ نمبر 448 سال 2023

مسمات گلزادي ڌيءُ شاهنواز خاصخيلي رهندڙ خدا جي بستي ڪالوني ويجهو سوئي گيس اسٽاپ سانگهڙ روڊ نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: حاڪم علي پٽ الهه بچايو خاصخيلي رهندڙ رشيد آباد ديهه ستيارو پير اسٽاپ تعلقو سڪرنڊ ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن يو/ايس فيملي ڪورٽ ايڪٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

(روبرو جناب مريم صبا مهر)

فيملي سوٽ نمبر 127 سال 2025

رضا خان ولد محمد يعقوب خان رهندڙ گهر نمبر 1434 شاهه ولي الله روڊ وال ڪٽ تعلقو ضلعو ميرپورخاص...پلينٽف...خلاف: مسمات ليليٰ زال رضا خان ڌيءُ عبدالغفور رهندڙ محلہ خان هائوس ڪريم اباد ڪالوني ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رسٽيٽيوشن آف ڪانجوگل رائيٽس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

بقايا 1 حادثو پيش

پنهجي مڙس يوسف ڪلو سان موٽرسائيڪل تي ڪنڊيارو کان پنهجي ڳوٺ صالح ڪلو وڃي رهيا هيا ته قومي شاهراه تي ساڻن حادثو پيش آيو جنهن سبب عورت فوت ٿي رئي هوڏانهن فوتي عورت جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو مچي ويو ياد رهي ته قومي شاهراه تي هلندڙ مرامتي ڪم سبب انساني جانين جو نقصان معمول بنجي ويو آهي جنهن خلاف ڪوبہ قدم نئو کنيو وڃي جنهن ڪري حادثا معمول بنيل آهن

بقايا 2 مظاهرو

بقايا 31 مالڪ حوالي

بقايا 37 ملهائي ويندي

SABS University of Art, Design and Heritages Jamshoro

The In-charge HR Shahood Allah Buksh Soomro University of Art, Design and Heritages, Jamshore, near the Old East Toll Plaza, M9- Motorway Jamshore

registrar@sabsu.edu.pk | www.sabsu.edu.pk | careers.sabsu.edu.pk | Phone: +92-222-9213601, -92-22-9213613

SITUATIONS VACANT

Fresh applications are invited for different positions (as under) from the eligible candidates having domicile of Sindh with paid challan of Rs. 5000/-(non-refundable) as processing fee in favor of the Director Finance, Shaheed Allah Buksh Soomro University of Art, Design and Heritages, Jamshoro. Applications should reach the university by the due date after the advertisement is published in the newspaper. Applicants must apply through official website www.sabsu.edu.pk/career.

NON-TEACHING POSITIONS

S. No.	Name of Post and BPS	No. of Posts	Age Limit	Qualification and Experience
01	Registrar (BPS-20) (Tenure Post)	01	55 Years	Master's degree (18 Year), preferably in first class, or equivalent qualifications and 17 years administrative experience in posts equivalent to BPS-17 and above at university level and should be conversant with university Rules & Regulations.
02	Director ORIC (BPS-20)	01	55 Years	Ph.D. from HEC recognized University/institution with minimum 17 years relevant experience of university or educational institution.

Terms and Conditions.

- The initial appointment will be made on a purely contractual and tenure track basis for the period of 3 years.
- The domicile condition for all the positions will be Sindh province.
- Candidates serving in Government/Semi-Government and Autonomous bodies should apply through proper channel accompanied by NOC from the employer and will be responsible for getting themselves relieved properly from their parent departments.
- Degrees certificate should be HEC attested along with equivalence certificate of 18 years is education must be submitted.
- Candidates applying for more than one post should submit a separate application form for each post, along with a separate bank challan and the necessary documents.
- Incomplete applications without attested copies of educational, professional and experience certificates, and without the paid challan will not be considered.
- Applications received after the specified date shall not be entertained. The envelope should be clearly marked with the post applied for.
- The University reserves the right to increase, decrease, or withdraw any advertised position(s) or all positions as a whole, without assigning any reason.
- Only short-listed candidates will be called for a test/interview.
- The deadline for submitting applications is **Friday, 30th January 2026.**
- No TA/DA will be admissible for appearing at the interview/written test.
- Applications should be submitted through courier within the due date after the advertisement published in newspapers. Applications submitted in person/by hand or after the due date will not be considered.

Applications should be submitted to the following address

The In-charge HR

Shaheed Allah Buksh Soomro University of Art, Design and Heritages, Jamshoro,
Near the Old East Toll Plaza, M-9 Motorway, Jamshoro.
Phone: +92-222-9213601; +92-22-9213613 | Website: www.sabsu.edu.pk

Registrar (Acting) SABS University, Jamshoro.

PID-H-264/2025

ڪنڊيارو پرسان موٽرسائيڪل ۽ ٽرالر جو ٽڪر سبب عورت فوت سندس مڙس زخمي

قومي شاهراه تي تاج پمپ وٽ حادثي ۾ يوسف کلو ۽ سندس زال مسمات زرينه زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال نيو ويو جتي مسمات زرينه زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي

فوتي عورت جو لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، گهر پهچڻ تي رڙ راڙو

شهداپور: سوشيل هاءِ اسڪول جي اسيمبلي وقت ريٽل گروپ فوٽو

دولتپور صفن لڳ شيخ برادري ۾ ميينا سگاوتي تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ٻار قتل، ٻيءِ ماءُ زخمي

ڳوٺ سومر جمالي واسي بادشاهه شيخ جي گهر تي حملو ڪري ڇهن هٿيارڀندن فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ معصوم اڪرم مارجي ويو ۽ سندس امڙ شبانه بيبي ۽ ٻيءِ بادشاه زخمي ٿي پيا

زخمين ۽ لاش کي اسپتال آندو ويو جتان ضروري ڪاروائي بعد وارثن ڳوٺ ڪڻائي ويا

اسلام آباد: شديد ڪوهيڙي سان ٽريفڪ گذري رهي آهي

اسلام آباد: اٺن جو هڪ وڳ شهر مان گذري رهيو آهي

ٽنڊو آدم ۾ شاعر خالد عرفان جي اعزاز ۾ شام ملهائي وئي، اديبن ۽ شاعرن جي شرڪت

خانپور مهر لڳ معصوم ٻهڙيگي پاڻي جي ٽلاءِ ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ سوئو پٽائي ۾ 3 ورهين جي ٻار جي لاش ڪڍي اسپتال آندو ويو

ڪنوينشن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن مان صحافي، سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

خانپور مهر: فوت ٿيل ٻارڙي جو لاش پيل آهي

پنوعاقل ۾ پريس ڪلب بدامني خلاف امن بحال تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو

دادو نادر خان جمالي جي جڳتو پوليس مقابلي جو گهڙو وزير نوٽيس ورتو

ڪيلاش جي قتل خلاف ٽرڪ بعد ڪيس داخل ٿيڻ افسوسناڪ آهي: عامر نواز وڙائچ

ڪوسڪي پوليس طرفان صحافي ۽ رڪشا ڊرائيورن تي تشدد خلاف احتجاجي مظاهرو

پريس جي آزادي کي گهٽائڻ لاءِ قانون ناهيا پيا وڃن: لالا اسد پٺاڻ

ڄامشورو ۾ ٽاليوالي پاڻي ماهر ۽ تاريخدان ايم. ايڇ. پنهور جي 100 هين سالگره پيتا پيش

ايم. ايڇ. پنهور سنڌ جي تاريخ کي سائنسي بنيادن تي لکي غير معمولي ڪم ڪيو آهي: جامي چانڊيو

عوام کي گونگا ۽ ٻوڙو رکڻ لاءِ پابنديون لڳايون وڃن ٿيون: آهن

ڪيرو واسي ب ٻ اڳواڻ سرفراز راڄڙ جو پٽ ڪار حادثي ۾ زخمي، اسپتال داخل

سڄاول ۾ نيشنل ائل سيڊ اينهانسمينٽ پروگرام 2026 جو اعلان

ايگريڪلچر ايڪسٽينشن ڊپارٽمينٽ طرفان سڄاول ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو

ٽنڊو آدم ۾ سيوهڻ جون ۽ وسيون جي ڪيس جي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

ٽنڊو محمد خان ۾ 12 استادن جي جبري بدلي خلاف ٽيچرس ايڪشن ڪميٽي جو مظاهرو

خيرپور مان دڪان تالا ٽوڙي لکين روپين ڀهاري ويا، دڪاندارن جو احتجاج

ٺٽو ڳوٺ ۾ دڪان کي باهه، لڳڻ هرويت دڪاندار کي لکين رپين جو نقصان

ميڊيا جي آزادي خلاف قانون جو جاٿرو نه ورتو ويو ته تحريڪ هلائي وينداسين: افضل بٽ

ملڪ ۾ صحافين جي ڪنوينشن جي سفارشن جي روشني ۾، پي ايف يو جي حڪومت کي مسودو پيش ڪنديون

شڪارپور ۾ هٿيارٻند جي گهر تي ڌاڙو، لکين رپيا روڪ، سون ۽ قيمتي سامان جي ڦرلٽ

هٿيارٻندن 10 تولا سون، واشي جي پيشن جي رقم، روڪ رقم، موبائيل فون ۽ ٻيون قيمتي شيون کڻي ويا

ميهڙ: حدخلين خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

پٽ شاهه ۾ الڪوثر اسڪول جي اهتمام جي سائنسي ميلو جو اهتمام

لکي غلام شاهه ۾ پرپاسي بدامني تي ڪنٽرول نه ٿيڻ چور دڪان مان لکين روپين جو سامان ڀهاري ويا

ٽنڊو الهيار: آل فوٽو ڪاپي ڪيٽيگري پاران نوڪرين نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو الهيار ۾ اقصيٰ پبلڪ هائير اسڪول ۾ ٿافتي ۽ تعليمي ڪانفرنس

سنڌ آباد ڳوٺ ۾ شڪر ملن ۾ پيڙهائي سست ڪرڻ تي ڪمشنر جي ڪاوڙ

ملڻ: قومي صحت جي خدمتن ۾ هم آهنگي بابت ڪميٽي جو اجلاس

احمد راجو لڳ ٽينڪر کي باهه، ڊرائيور سڙي زخمي، اسپتال منتقل

عثمان شاهه جي ڳوٺ ۾ پوليس ميينا مقابلي بعد زرعي زمين تان قبضو آهي ملڪ حوالي

ٺٽو ڳوٺ ۽ شاهپورچاڪر ۾ بدامني جو راڄ، واپارين ڪاڻ لکين رپين جي ڦر، احتجاجي ڌرڻو

واقعي خلاف واپاري اڳواڻ جان محمد بروهي جي اڳواڻي ۾ لنڪ ايل جي لانگ وڃائي ڇڏي ۽ احتجاج ٽرڪ ڪيا

ناصر لا ايسوسيئيشن طرفان نوجوانن ۽ ٿڪيٽرن لاءِ مفت ڪيس ٻڌڻ جو اعلان

نوشهروفيروز ۾ پوليس وردي پاتل ڌاڙيلن جي گهر تي ڪاهه، لکين رپين جو ڌاڙو، احتجاجي ڌرڻو

ايس ايس پي آفيس پرسان واپاري پرويز ڪوڪر جي گهر تي 5 هٿيارٻندن داخل گهرڀاتين کي يرغمال بڻايو

دادو: سڙي زخمي ٿيل عورت ڪراچي ۾ فوت، وارثن جو لاش رکي ڌرڻو، مڙس ۽ ڏيرن تي قتل جو الزام

مقتوله جي وارثن پاران دادو ايس پي چوڪ تي عورت ضميران جو لاش رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا

ميهڙ: پوليس احتجاج روڪڻ لاءِ بيٺل آهي

دادو: سڙي فوت ٿيل عورت جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

هالا ۾ الڪوثر اسڪول طرفان سائنسي ميلو منعقد

سنڌ جي امن محبت مهمان نوازي ۽ ڀائيچاري واري سڃاڻپ کي ميسارڻ پيو وڃي: اسدالله ڀٽو

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪارروائي، ڊاڪو ۽ ڏاڙيل گروپ جا 4 جوابدار گرفتار

اسلام آباد: هڪ نوجوان پيراگلائيڊر تيار ڪري رهيو آهي

مسسوبرڳ: ايس ايس پي ايف ۾ ٻيڻ جو طالب مولا ڪالوني جي دورو

ميهڙ ۾ حدخلين خلاف آپريشن، تين غير قانوني اسٽال ۽ عارضي حدخليون هٽايون ويون

ڪراچي ۾ پوليس ۽ ڌوهارين جي مقابلي ۾ جوابدار مارجي ويو ۽ هڪ زخمي گرفتار

لاڙڪاڻي ۾ گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب ٻه زخمي ٿيل ٻار فوت

يورپ جي جنگ واري صورتحال دنيا جي پوري خطي لاءِ خطرو ثابت ٿي سگهي ٿي: نويد قمر

آمريڪا کي عالمي قانون جي پيچڪري بجاءِ اقوام متحده جي اصولن تي قائم رهڻ گهرجي

حيدرآباد بسنت هال ۾ "سنڌ جو صحتمند" سنڌو درياءَ ۽ سنڌ جي ماحول ۾ ثقافتي ورثي تي ٽي اين جي آء جي عنوان سان ٻيٺڪ

شهدادپور جي هاءِ اسڪول جي سالياني انسپيڪشن، ڊي ايڇ ار ۽ ٻين عملدارن جي شرڪت

ٽنڊو محمد خان ۾ گوٺائي جي پهنچجي چاچي ۽ سنڌس پٽن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور واسي نوجوان جي ناجائزن خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

مخدوم محمد الزمان طالب المولا جي 33 هين ورسي اڄ هالا ۾ ملهائي ويندي

حيدرآباد: پڇاڙي ڊائريڪٽري بندش سبب ڦلهه سڪل نظر اچي رهيو آهي

ھي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.